SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 2000

SINDH ORDINANCE NO.XV OF 2000

اسٽيمپ(سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2000

THE STAMP (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II ۾ دفعہ 27_B جو اضافو
Addition of section 27_B in Act II of 1899

3. 1899 جي ايڪٽ II ۾ دفعہ 40_A جو اضافو
Addition of section 40_A in Act II of 1899

4. 1899 جي ايڪٽ II ۾ دفعہ 73 جي ترميم
Amendment of section 73 in Act II of 1899

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 2000

SINDH ORDINANCE NO.XV OF 2000

استيمپ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2000

THE STAMP (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

[22 نومبر 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ استيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ استيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته 14 آڪٽوبر 1999 جي هنگامي حالتن واري اعلان ۽ 14 آڪٽوبر 1999 تي جاري ٿيل 1999 جي پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 تحت صوبائي اسيمبلي معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجود صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي جاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايت ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون

آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اسٽيمپ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1899 جي ايڪٽ II ۾ دفعہ 27_B جو اضافو
Addition of section 27_B in Act II of 1899

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ جاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، دفعہ 27_A کانپوءِ هيٺين ريت نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو:

"27_B. جتي ڪنهن پاور آف اٽارني جي سلسلي ۾ ڪو ڪنوينس ڊيڊ ڪري رجسٽريشن لاءِ پيش ڪيو ويو آهي، تہ رجسٽريشن اٿارٽي پاڻ کي دستاويزي شاهدي تحت مطمئن ڪندي تہ وڪري جي رقم اصل مالڪ ۽ پاور آف اٽارني رکندڙ کي ادا ڪئي وئي آهي، يا ڀي صورت ۾ پاور آف اٽارني کي رقم لاءِ بااختيار سمجهيو ويندو ۽ جيستائين شيڊول 1 جي آرٽيڪل 48 موجب اڳوات اسٽيمپ ٽيل نہ هجي، تہ اها ضبط ڪئي ويندي ۽ فيصلي ۽ دفعہ 27_A تحت جوڳي نموني ڊيوٽي اوڳاڙڻ لاءِ ڪليڪٽر ڏانهن اماڻي ويندي".

1899 جي ايڪٽ II ۾ دفعہ 40_A جو اضافو
Addition of section 40_A in Act II of 1899

3. جاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 40 کانپوءِ هيٺين ريت نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو:

"40_A. (1) جتي دستاويز جي نقل جي جاچ پڙتال تي يا ڀي صورت ۾ اهو معلوم ٿو ٿئي تہ ڪو خاص دستاويز مڪمل طور اسٽيمپ ٽيل نہ آهي، تہ معاملي بابت ڪليڪٽر کي آگاهہ ڪيو ويندو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت رپورٽ ملڻ کانپوءِ، ڪليڪٽر

معاملي جو جائزو ونڻ ڪانپوءِ ان ماڻهو کي طلب ڪري سگهي ٿو جنهن کي نوٽيس ۾ ڄاڻايل عرصي دوران سندس سامهون اصل دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ خاص ڊيوٽي ادا ڪرڻي هئي.

(3) ڪليڪٽر ذيلي دفعہ (2) تحت مليل اصل دستاويز يا اهڙي دستاويز جي نقل حاصل ٿيڻ تي يا ٻي صورت ۾، جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، دستاويز کي ڏسندو يا ان سلسلي ۾ دفعہ 40 ۾ بيان ڪيل طريقيڪار موجب حڪم جاري ڪندو."

1899 جي ايڪٽ II ۾ دفعہ 73 جي ترميم
Amendment of section 73 in Act II of 1899

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 73 کي ان ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون ذيلي دفعہ (2) شامل ڪيو ويندو:

"(2) جتي ڪو شخص ڪليڪٽر يا هن ايڪٽ تحت سندس جاءِ تي ڪم ڪندڙ ڪنهن شخص کي روڪي، يا درست معلومات کي لڪائي، جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، تہ چيف روينيو اٿارٽي اهڙي ماڻهو تي ڏنڈ وجهي سگهي ٿي، جيڪو ويهہ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو جيڪو ڪليڪٽر طرفان ليندڙ روينيو جي رهتن جي مد ۾ اوڳاڙيو ويندو."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي